پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ

# شاهه لطيف جي ڪردار سهڻيءَ جو نفسياتي جائزو

# Psychological Analyses Of The Character "Suhni" Depicted By Shah Abdul Latif


## *Abstract*

Every Society has certain type of discipline, no one can break the traditions and customs because there is sublimated way to fulfill the instinctively desires. But in this story "Sohni Mehar" Shah latif has expressed his views about Sohni that she was rebellion against the traditions. It is not only for her desires of "ID" (Desire of Sex) but this was existential psychology in which the love can fulfill the void and absurd existence.

Sohni was overwhelmed and committed in love. Here love is the way to discover the essence of inner side and also recognition of self-existence.


سهڻي جي ڪهاڻي سماجي قدرن ۽ روايتن کان بغاوت ۽ عشق جي جنون جي ڪهاڻي آهي. عام طور سان جيڪي ڪردار پنهنجي ڪنهن به عمل سان جڏهن سماج جي مروج قانون کان ماورا بنجي ڪو اهڙو ڪم ڪندا آهن, جيڪو روايتن کان اعليٰ هوندو آهي ته اهو ڪردار ماورائي بنجي ويندو آهي. زمان مڪان مان نڪري پنهنجي الڳ جاءِ ٺاهيندو آهي ۽ پوءِ سماج ان کي نه صرف تسليم ڪري وٺندو آهي بلڪ هيرو ٺاهي ڇڏيندو آهي. مثال حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي پٽ کي اسماعيل عليه السلام کي ذبح لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. اهو غير معمولي ڪردار بنجي وڃي ٿو جيڪو سماجي قدرن کان ماورا آهي. حضرت عيسيٰ کي صليب تي لٽڪايو وڃي ٿو ان وقت رعيت ۽ بادشاهن جي قانون مطابق حضرت عيسيٰ کي سزا ڏني ويئي، پر تاريخ ۾ اهو ڪردار غير معمولي بنجي ويو. حسين بن منصور حلاج کي سنگسار ڪيو ويو ان وقت جي حاڪمن لاءِ هو ڏوهاري هو پر تاريخ ۾ اهو ڪردار غير معمولي بنجي ويو. مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو. ان وقت سزا ياآفته هو، پر تاريخ ۾ اهو ڪردار امر بنجي زمان مڪان کان ٻاهر الڳ حقيقت بنجي ويو. سقراط زهر جو پيالو پي امر ٿي ويو. ذولفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏيئي تاريخ ۾ امر ڪيو ويو. بظاهر ان وقت

جي رائج سماجي يا اخلاقي قدرن ۾ جيڪي ڏهاري هوندا آهن اهي تاريخ ثابت ڪندي آهي ته ڏوهاري هئا يا نه. تاريخ ۾ هميشه ننيڙن ، محدود ذهنن عظيم ذهنن کي اذيتون ڏنيون آهن.

وقت جي حاڪمن جي قدرن ۾ ننيڙا ذهن ڦاسندا آهن، عظيم ذهن انهن قدرن کي ٽوڙي جان جي قرباني ڏيئي به پاڻ کي امر ڪري ويندا آهن. اهڙي طرح سماج جي مروج قدرن ۾ عام ماڻهو صرف پيروي ڪندو آهي. پر غير معمولي ڪو وڏو قدم کڻي بغاوت ڪندو آهي. ڀڳت سنگ انگريزن جي خلاف بغاوت ڪري غير معمولي ماڻهو بنجي ويو.

سنڌ ۾ ڪڏهن ڪو ڌاڙيل عوامي هيرو بنجي ويندو هو. ڪڏهن ڪو پير ولي بنجي ويندو آهي.. بدنامي، عزت، غيرت جا قدر مڊل ڪلاس جا الڳ هوندا آهن. ته مٿين طبقي جا الڳ هوندا آهن. پر توهان ڏسندا ته ڪنهن مڊل ڪلاس جي ڇوڪري بغاوت ڪري نڪري فلمي هيرو بنجي ويندي آهي ته سڀ ان جي عزت ڪندا آهن.

غالب چيو هو ته ”درد ڪا حد سي گذرنا هي دوا هو جانا (REKHTA ,23/04/2-21)

شاهه لطيف چيو هو :

اک الٽي ڌار ، ونءَ الٽو عام سين
جي لهواري لوڪ وهي، تون اوچو وهو اوپار
منهنجان نوچ نهار، پُرُ پٽيرو پرين ڏي
(سهڻي
(2/10)

هڪڙو رستو طئي ٿيل آهي، جيڪو عام جو رستو آهي، جنهن تي هلڻ روايت آهي، سوچ ويچار جي ضرورت ناهي. ان رستي تي هلڻ وارا تاريخ ۾ ڳڻيا ڪونه ويندا آهن. اهو لهوارو رستو آهي. انهيءَ رستي تي سڀڪو هلي ٿو. بلڪ اهي ماڻهو جيڪي لڪير جا فقير ناهن، جيڪي تاريخ ۾ ڪو وڏو ڪارنامو ڪن ٿا جنهن سان انسان ذات کي ڪو فائدو ٿئي ٿو. يا وري اهي ماڻهو جيڪي تاريخ کي ڪي وڏو موڙ ڏيڻ چاهين ٿا. انهن ماڻهن جو رستو لهوارو ناهي عام ناهي انهن جو رستو اٽانگو آهي ڏکيو آهي.

سهڻي جيڪا شادي شده عورت هئي اها رات جو مڙس کي سمهاري درياءَ پار ڪري ميهار سان ملڻ وڃي ٿي . ان وقت جي رائج قدرن مطابق اها غلط ريت هئي.جي ڪڏهن به ٻڌي نه مري ها يا مڙس جي هٿان ماري وڃي ها ته سهڻيءَ جو نالو به اسان نه ٻڌون ها. تاريخ ۾ غير معمولي ڪردار تڏهن ٿي بنجي، جڏهن غير معمولي حالتن سان واسطو پويس ٿو. پر ان عورت ان عشق ۾ جان ڏيئي پاڻ کي سيني قدرن کان بالا تر ڪري ڇڏيو.

شاهه لطيف جون سپئي ڪردار غير معمولي حيثت رکن ٿيون. مورڙو، لاکو ڦلاڻي، مارئي، سسئيءَ، ٻيجل، راءِ ڏياچ، ليليٰ، ڪوئنرو، راڻوءِ سهڻي وغيره عام روايتن کان هٽي ڪري ڪارناما ڪن ٿا. جنهن ڪري مورج قدرن کان بالا تر ۽ زمان مڪان کان آزاد آهن.

هاڻي سهڻي جي ڪردار جي نفسيات ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ عشق ڇا آهي؟ نفساني خواهش ڇا آهي؟ اها ڪهڙو جنون هو جيڪو رات جو درياءَ پار ڪرائي ٿو.؟ يا صرف جنسي جذبو هو؟

سگمنڊ فرائيڊ انسان جي خواهشن متعلق ٽي اصطلاح ڏنا. هڪ: ID، ٻيو انا (EGO) فوق ال انا (Super Ego) دراصل پهرين جبلي خواهش آهي، جيڪا نفساني ضرورت مطابق جبلي طور پيدا ٿيندي آهي.

The id is the oldest and the most primitive psychic agency, representing the biological foundations of personality. It is a reservoir of basic instinctual drives, particularly sexual (libidinal) drives, which motivate the organism to seek15 pleasure. (Freud,:2010,15)

انسان سماج ۾ نه هجي ها ته صرف اڊ جي پورائي لاءِ پڃ ڊڪ ڪندو رهي ها، پر سماج ۾ هو ٻين ماڻهن جي وچ ۾ اچي ٿو. خاندان، قبيلو، قوم ان جا گڏجي رهڻ جا رواج ٺهن ٿا. ڇو ته سماج هڪ بهترين ڊسيپلين جو نالو آهي، جنهن ۾ فرد جي اجتماعي حيثيت سان گڏ انفرادي حيثيت بحال رهندي آهي. اها انفرادي حيثيت ماڻهو ۾ انا يا ايگو پيدا ڪري ٿي .مثال بک لڳي ته ماڻهو دوڪان تان شيءِ کڻي کائي نٿو سگهي، ڇو ته هن کي چور چيو ويندو. جنسي بک لڳي ته ڪنهن عورت کي هٿ نٿو لڳائي سگهي جو ڪيس گناهگار چئي سزا ڏني ويندي. انهيءَ ڪري پهرين اڊ ( پهرين خواهش) کان ڪيس انا روڪي ٿي. انا سندس شخصيت جو اهو خول آهي جيڪو هن سماج ۾ پنهنجي حيثيت جي روپ ۾ ٺاهي رکيو آهي جنهن کي فرائيڊ شخصيت جي ٺهڻ ۾ انهن ٽن اصطلاحن کي اهم قرار ڏنو.

سماجي انا جڏهن اڊ کي پنهنجي خواهش غير اخلاقي طور پوري ڪرڻ کان روڪي ٿي ته فوق انا انهي وچ ۾ مصالحتي ڪردار ادا ڪري مهذب رستو تلاش ڪري ٿي. جنهن کي sublimation چيو ويندو آهي.

“Freud considered sublimation a sign of maturity that allows people to behave in civilized and acceptable ways. This process can lead people to pursue activities that are better for their health or engage in behaviors that are positive, productive, and creative”…(https://www.verywellmind.com/what-is-sublimation-in-psychology-4172222 .15/05/2021)

جڏهن ماڻهوءَ جي انا ۽ اڌ ۾ ڪشمش وڌي وڃي جنهن کي فوق انا به حل نه ڪري سگهي ته اهڙي شخصيت ۾ ڪجروري (Repression) پيدا ٿيندو آهي. جنهن ڪري منجهس نفسياتي خلل پيدا ٿيڻ ۽ ڪنفيوز رهڻ وغيره شامل هوندو آهي .

عام خيال آهي ته سهڻيءَ جو عشق اڌ جي چوڏاري گهمي ٿو. يعني ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته سهڻي جي عشق جو محور سندس جنسي خواهش آهي. جيڪڏهن اڌ کي غور سان ڏسون ته اها خواهش جي پورائي چاهي ٿي. ان لاءِ سهڻي وٽ سندس مڙس ڏم وجود آهي. يعنيٰ جيڪڏهن ٻڪري کي گاهه کائڻ تي دل چوي ٿي ته سندس اڳيان موجود گاهه کائيندي يا درياءَ پار ڪري هن پاسي گاهه چرندي! هتي اڌ جو مسئلو ناهي. هتي انا جو به مسئلو ناهي.

سهڻي غير معمولي(Exceptional) ڪردار آهي، جنهن جو عشق پرعزم ( committed) آهي .

ڇا عشق جو بنيادي محرڪ جنسي جذبو آهي؟ ڪنهن به مڪتب فڪر ۾ عشق جي ڪا مقرر وصف موجود ناهي. پر عشق جو جذبو هڪ عام نارمل رويي کان مختلف آهي. عشق جنون به آهي جنهن ۾ عقل ڪم نٿو ڪري.

اچو ته عشق کي سمجهون.

انسان هڪ ندي جي وهڪري ۾ لڙهندڙ جيو آهي جيڪو رڙيون ڪندو ٿو وڃي، اڪيلائي، خوف، دهشت، موت، بوريت، ڪراهت، بي چيني، اساٽ، سندس حصي ۾ وجودي مسئلي سان گڏ آهي. جيون هڪ بي چين خال آهي جيڪو وجود جي تلاش ۾ ڀٽڪندو رهي ٿو. سارتر ان کي وجود جو خال چيو هو جنهن جو ڪوبه جوهر ناهي. بي يار و مددگار آهي.

هو چاهي ٿو ته سچاڻجي ڪير هن کي تسليم ڪري. ڪير هن کي پنهنجي وجود جو حصو بنائي. هر ماڻهو جي وجود جو هڪ نجي دائرو هوندو آهي. جنهن ۾ ڪير به وڃي نٿو سگهي. صرف اهو ماڻهو وڃي سگهي ٿو جنهن کي جذباتي لڳاءَ سان تن ، من دل سان پيار ڪبو آهي. ماڻهو ٻي جي نجي دائري ۾ وڃي پنهنجي وجود جي اهميت جو وجدان ماڻيندو آهي. اسان ان کي جنس چوندا آهيون. پر جنس جي مهذبپڻو sublimation وجداني ڪيفيت ماڻڻ آهي جيڪا انسان کي فطرت جي وحدت سان جڙڻ جو تاثير ڏيندي آهي تنهن ڪري مراقبي جو هڪ انداز جنسي عمل آهي. پر اهو عمل اڌ تحت ناهي اڌ تحت جنس صرف جبلي عمل آهي. جيڪي جانور به ڪندا آهن.

هن بيت کي ڏسو؛

ادیون سڀ اندامَ، منهنجا چڙن چوريا
لارن جا لئنون لائيَ، سان ڪيئن آڇيان عامَ
لڳيس جنهن جي لامَ ، سو دلاسا دوس مجي.

(سهڻي 4/1)

ميهار جي مينهن جي ڳچين ۾ چڙا ٻڌل آهن، جن ۾ لار لڳڻ سان ٺڻ ٺڻ جو هڪ مخصوص آواز پيدا ٿئي ٿو. رات جي اونداهي خاموشي ۾ ٽلين جو آواز لارن جو آواز سڄي فطرت کي هڪ مخصوص وحدت ۾ آڻي ڇڏي ٿو. جنهن ۾ سهڻي پنهنجي مخصوص جسم جي عضون کي انهيءَ آواز سان همڪنار وڄندي محسوس ڪيو آهي. سڄي ڪائنات هڪ موسيقي جي ساز ۾ پئجي ويئي آهي. جنهن ۾ سهڻي جو انگ انگ موسيقي جي ساز وانگر چري پيو. اها اهڙي ڪيفيت آهي، جيڪا عام ماڻهو کي نه ٻڌائي سگهجي ٿي نه وري سمجهه ۾ ايندي. پر جنهن اها لامَ لڳائي آهي صرف اهو انهيءَ بي چيني کي دلاسو ڏيئي سگهي ٿو. اها ڪيفيت ابد جي ناهي. نه وري عام جنسي عمل جي آهي.

اتي ساهڙ يعني ميهار سهڻي جي اندر جو آئيڊيل يا پنهنجي وجود جو ٻيو پاڱو آهي. سهڻي جي وجود جي اڌوري پڻ پنهنجي ذات جي تڪميل ڳولي لڌي آهي. ميهار سهڻي جي اندر جو خوبصورت ۽ وحدتي تصور آهي. سهڻي چوي ٿيءَ

صورت ساهڙ جيَ، ائين جي ڏسو سپئي
سمهو ڪين سک ٿي ور پاسو ڏيئي
مونهان اڳيئيَ گهرو سپ گهڙا ڪٽي.

(سهڻي 1/5)

ميهار ۾ ڪهڙي صورت نظر آئي آهي، انهيءَ کي سهڻي بيان نٿي ڪري سگهي. پر اصل ۾ اها خوبصورتي داخلي آدرشي آهيَ جيڪا اظهارجي نٿي سگهي.

سهڻي انساني وجود جي بي چيني ۽ مسلسل سفر جو اهڃاڻي نالو آهي. مسئلو صرف ميهار سان وصال جو ناهي.

جي قيام مڙن ته ڪر اوڏا سپرين
تهان ڏور سڄن، واڌايون وصال جون.

(سهڻي 9/28)

عام طور سان فراق ڪثرتي جزي جي زندگي آهي. وصال هڪ رج آهي. جنهن جو مثال سهڻي جي هن بيت مان لڳايو.

وڃان ڪيئن وري، هوند ري چئي رهي
رهان
دونهينءَ پاسي دوس جي، ماڳهين پئان
مري
نه صورت نه سونهن ڪا، ڪيس چت
چري
وصالا فراق جي، سڄي ڳالهه ڳري
تيلاهين تري ، آئون منهن ڳنهئو موٽيو
وڃان.

(سهڻي 9/14)

سهڻي جي دل واپس وڃڻ لاءِ تيار ڪانهي، هڪڙي پاسي سماج جا طعنا آهن. سندس مڙس ڏم آهي. فراق آهي، اساٽ ۽ بي چيني آهي، انتظار آهي. روح جي تڙپ آهي. ميهار جي ياد آهي، رات جو انتظار آهي. ٻي پاسي ميهار آهي، وصال آهي، ڪلياڻ آهي، محبوب جي آغوش آهي، دل ٿي چوي ته اتي رهي پوان پلي ميهار رهڻ لاءِ نه چوي بغير چوڻ جي رهي پوان، ايتري قدر جي دونهين واري پاسي جتي ميهار رهي ٿو، اتي ماڳهين مري پوان، ائين به ناهي ته ڪو ميهار حسين آهي سندس صورت چوڏهين جي چنڊ جهڙي آهي. ڪا به جماليات ناهي. پرعشق چت چريو ڪري وڌو آهي. ذهن جي هورا ڪورا آهي. عشق جي هٿان سهڻي مجبور ٿي پئي آهي. پر ميهار وٽ هميشه لاءِ ترسڻ نٿي چاهي. چو ته وصال ۾ جيڪو فراق آهي اهو وڌيڪ خطرناڪ آهي. چو ته مسلسل وصال معنيٰ سڀ ڪجهه ختم. نه تڙپ نه عشق جي گرمي نه وري وصال لاءِ انتظار. تنهن ڪري سهڻي منهن ڪٽيو وري دريا پار ڪري موٽيو اچي.

سهڻي جي سڄي داستان جو فلسفو هن بيت ۾ عيان ٿيو پيو آهي. وصال ۾ ڪهڙو فراق آهي؟ اچو ته سمجهون.

ڏول مَ ڪٽي ٻانهڙي، پرهه مَ ڪٽي پاند،
آئون پنهنجو ڪانڌ، لوڪان لڪي رهايان.

(ڏهر 3/12)

هتي وقت جي بيهارڻ جي خواهش آهي. پنهنجي ڪانڌ جي ٻانهن تي ڪنڌ رکي ستي پيئي آهي. وصال جا پل آهن، آڌي رات آهي، جيڪڏهن صبح ٿي ويو ته ڏول هليو ويندو. هي جيڪا وصال جي شانت آهي اها آشانت ٿي ويندي. وي وڇوڙو شروع ٿي ويندو. معنيٰ وصال جا پل امر نه ٿي سگهيا. وقت جي ڪري جيڪو بيهي ئي نٿو. ندي جي وهڪري وانگر هلندو ٿو وڃي. انسان جيڪي ڪجهه ماڻي ٿو اهو سراب بنجي وڃي ٿو. مٺ مان واريءَ وانگر نڪريو وڃي. وري به تلاش، وري حصول جي جدوجهد.

ڪٿي دنگ ناهي. آخر ڇا آهي جنهن کي ماڻهو پائڻ چاهي ٿو، جيڪو هٿ اچي ئي نٿو.

کامان پچان پچران، لچان ۽ لوچان
تن ۾ تونس پرين جي ، پيان نه ڍاپان
سمنڊ منهن ڪريان، ته سرڪيائي نه ٿئي.

(سهڻي 6/14)

جيترو وصال کي ويجهو وڃجي ٿو اوترو تونس وڌي ٿي، يعني وصال ۾ فراق موجود آهي، جيئين زندگيءَ ۾ موت موجود آهي، روشني ۾ اونداهي موجود آهي. قربت ۾ فاصلا موجود آهن. تنهن ڪري وڇوڙو هر ميلاپ ۾ موجود آهي. ڇو ته وقت جو وهڪرو هر پل کي ڪٽيو وڃي. ڪير به نٿو روڪي سگهي. تنهن ڪري زندگيءَ جو اهڃاڻ صرف سفر آهي، ڳولا آهي. جي ميلاپ ٿي ويو ته وري هڪ ٻي وڇوڙي کي جنم ڏيندو يعني ٻه اڪيلا ماڻهو وصال ۾ گڏجي هڪ ٿي ويندا، پر اهو پل جلدي ڪين هڪ وڏي اڪيلائيءَ ۾ ڌڪي ڇڏيندو. جيڪڏهن پرين ملي ويو ته ڳولا ختم ، سڪ ختم، عشق تمام، تنهن ڪري عشق صرف وصال ۽ فراق جو کيل آهي.

هاڻي اسان ڏسنداسين ته سهڻي وصال جي فراق کان ڏنل آهي. پر موٽڻ به نٿي چاهي. ڪهڙو رستو آهي، جيڪو سهڻيءَ کي شانت ڪري سگهي ٿو. شروعات جو ته ڪوبه انت ناهي. وجود جي ٿانيڪي ٿيڻ جو ڪو حيلو ناهي.

تنهن ڪري سهڻي چئي ٿي:

ڪي تران ڪي تاريج، ڪي سگهان ڪي سگهه،
آڏو ڏيج مَ گهگهه، مون هيڪليءَ ولها.

(سهڻي 9/15)

ڪجهه آئون تران ٿي ڪجهه تون تاريج، ڪجهه سگهه آئون پيدا ڪريان ٿي، ڪجهه تون سگهه ڏج. بس اڳيان ڪا رڪاوٽ نه ڪج، آئون ته اڪيلي ۽ خالي هٿين آهيان.

اها بي وسيءَ جي ڪيفيت جيڪا وجود جي لاچاري واري ڪيفيت آهي. انهيءَ ڪري غالب چيو هو ته:

هوئي هين پاون هي پهلي نبردي عشق مين زخمي
نه باگا جائي هي هم سي ، نه دوڙا جئي هي هم سي
ٺهر جا اي نا مريدي، ڪيا قيامت هي،

ڪه دامان خيال يار ڇوٽا جائي هي هم سي

(. Rekhta. 2021, 16)

هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو، عشق ۾ اهڙي خاصيت آهي جيڪا مانجهي مرد منجهائي ٿي. جنهن ۾ سسي نيز اڇلائجي ٿي، جيڪا نانگ ڪپر وانگر آهي.

سهڻي جي من ۾ پرين جي تانگ اهڙي لڳل آهي، جو هوءَ لوڪ جي طعنن يا الزامن کي به مرڪ ٿي پائين.

جيهر لوڪ جهپ ڪري، ذرو جاڳ نه هوءِ،
اوهير اڇيو، اديون! پهه پريان جو پوءِ،
جي ڪچو چوم ڪوئي، ته مرڪ پانيان مهڻو.

(سهڻي 8/5)

دراصل بغاوت جي شڪل ان ڪان وڏي ڪابه ناهي ته لوڪ مهڻا ڏي ، لوڪ غلط چوي، ماڻهو اڪيلو ٿي وڃي، پر جيڪو سهڻي کي نظر آيو، اهو ذات جي عام فهم کان بالاتر آهي.

صوفي مت جو بنياد عقل جي آخري اسٽيج کان شروع ٿي جذبي جي جنون تي وجدان ماڻي ٿو. عقل دنيا جي پيروي ڪري ٿو. وجدان حقيقت جي رمز جو گمان آڻي ٿو. پر اها ڪيفيت بياني ناهي، صرف عملي آهي. صوفي عام طور سان عقل جي خلاف نظر اچي ٿو. پر حقيقت اها آهي ته عقل جتي دنگ رهجي وڃي ٿو، صوفي مت اتان ئي شروع ٿئي ٿي. عقل محدود آهي، دنيائي دستور جي حساب کان ٻاهر نٿو نڪري. زمان و مڪان ۾ قيد آهي. صوفي چوي ٿو ته ظاهري حواس ۽ زمان و مڪان هڪ دوکو آهي. ظاهري روپ هڪ سراب آهي، جيڪو حقيقت تائين رسائي نٿو ڪري سگهي. عشق اهو واحد رستو آهي، جيڪو وجود کي جوهر بخشي ٿو. جيڪو وجود کي سندس خال کان نجات ڏياري ٿو. عشق زمان و مڪان کان آزاد ڪري ٿو. عشق ڪثرتي جزي کي وحدت سان جوڙي ٿو. جڏهن عشق آفاقي بنجي وڃي ٿو ته انسان پنهنجي رمز اندر ڪائنات سان عشق ۾ محو ٿي وڃي ٿو، جنهن کي صوفي ڪشف جي منزل چوي ٿو.

يقينن هي عشق صرف فرائيڊ واري اڊ تي مبني ناهي.

پيار ۽ عشق ۾ فرق آهي،عشق جو ترجمو انگريزي ۾ موجود ئي ڪونهي. LOVE عشق جو هوبهو ترجمو ناهي، پيار ، محبت جي لاءِ LOVE لفظ ٺيڪ آهي. امريڪن دانشور ايرڪ فراهم جو ڪتاب آرٽ آف لونگ ۾ طرف ايم اسڪاٽ پيڪ جو ڪتاب دي روڊ ليس ٽريولڊ ۾ هنن پيار کي سوچيل سمجهيل فيصلو ۽ عمل قرار ڏنو آهي.

“True love is not a feeling by which we are overwhelmed. It is committed thoughtful decision .Falling in love is not itself loving it’as a part of great and mysterious scheme of love .” (Scott Peak:1990,12)

ايم اسڪاٽ پيڪ جو خيال آهي ته عشق هڪ عالمي پراسرار پيار جو منصوبو آهي .جيڪو اسان پيار محسوس ڪريون ٿا، اهو انهيءَ جو حصو آهي. پر هن پيار جا ٻه قسم ٻڌايا آهن. هڪ اصلي پيار، ٻيو پيار ۾ مبتلا ٿيڻ. اصلي پيار جنس ۾ ناهي، پر جنسي پيار صرف هڪ عنصر آهي. جڏهن ماڻهو پيار ڪري ٿو ته سڀ ڪجهه ونڊ ڪري ٿو. خيال ڪري ٿو، الڪو ڪري ٿو. محبوب جي ترقي ۽ ارتقا چاهي ٿو. يعني خلق خدمت ڪرڻ به هڪ پيار آهي. پنهنجي اولاد جي صحيح پرورش ڪرڻ به هڪ پيار آهي. ماءُ جي پرگهور لهڻ به هڪ پيار آهي. محبوب سان رس رهاڻ ڪرڻ به هڪ پيار آهي .

ايرڪ فراهم جا ويچار آهن ته:

“ love is an art, just as living is an art if we want to learn how to love we must proceed in the same way we have to proceed if we want to learn any other art, say music, painting, carpentry or the art of medicine or engineering’’(Erick Fromm:1956, .05)

ايرڪ فراهم پيار کي هڪ فن قرار ڏيئي ٿو ته شاهه لطيف گهڻو اڳ چئي ويو آهي ته ؛

سياري سهه رات جوءِ جا گهڙي وسندي مينهن
هلو ته پڇون سهڻيءَ جا ڪر چاڻي نيهن
جنهن کي راتو ڏينهن ميهار ئي من ۾.
( سهڻي (3/19)

سهڻي نينهن جا ڪر يعني آرٽ، فن چاڻي ٿي. چو ته هوءَ سياري جي موسم ۾ دهشت واري درياءَ ۾ گهڙي ٿي، جنهن کي ڪو به ڊپ نٿو ٿئي.

ايرڪ فراهم جنهن پيار جي ڳالهه ڪري ٿو، اهو دنيا جي وهنوار هڪ بهتر زندگي گذارڻ ۽ خلق خدمت جوبه ذريعو آهي. پر پيار جو اهو عنصر انساني رويي جي شروعات آهي. فرائيڊ واري اڊ اتي مهذب پڻي واري عمل ۾ اچي ٿي، پر سهڻي جي نفسياتي ڪيفيت انهيءَ سپني عملن کان بالاتر آهي. هوءَ عالمي پراسرار پيار جي منصوبي ۾ داخل ٿي چڪي آهي، جتي هن کي ڪجهه به نظر نٿو اچي.

عشق جي عميق مان، چ ُڪو چڪيائين،
وهڻ تنهن وهه ٿيوءِ گهر پار گهوريائين.
(10/20 سهڻي)

هن بيت کي ڏسو :

وهه تک واهڙ تک، جت نينهن تک نرالي
جنکي عشق عميق جو، سي خلوت خيالي
وارين سين والي، هيئنڙو جني هٿ ڪئو.

(سهڻي1/1)

دريا جو وهڪرو تکو آهي، اتي نينهن جي تک به نرالي آهي. جن جو عشق گهرائي ۾ پراسرار حدن کي ڇهي چڪو آهي، اهي هاڻي اڪيلائيءَ جي خيال ۾ رهن ٿا. انهن کي صرف اهو اتان اهو واپس ڪري سگهي ٿو، جن هيئنڙو هٿ ڪيو آهي.

سوال اهو ضرور پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن هن سڄي معاملي ۾ جنس (Sex) موجود نه هجي ته ڇا سهڻي اهو عشق ڪري ها؟.

جنس اسان وٽ مخصوص معنيٰ ۾ ضرور ورتي ويندي آهي، پر جنس هڪ حياتياتي طاقت (Vital Force) آهي، جيڪا انسان ۾ زندگي بنجي ٻوڙي ٿي. جنس زندگيءَ ۾ جيئڻ جو اتساهه پيدا ڪري ٿي، ماڻهوءَ ۾ رومانٽڪ طاقت پيدا ڪري ٿي. جنهن ڪري انسان لاءِ ڪائنات جمالياتي مظهر بنجي وڃي ٿي. جنس به هڪ عنصر آهي، جيڪو زندگيءَ جي رومانس کي روان دوان رکي ٿو. پر سڄي زندگي صرف جنسي عنصر تي نٿي هلي. انسان کي سڃاڻپ کپي، سنگت کپي، تفريح کپي، فطرت کپي، ڪنهن منزل جي تلاش جو اتساهه کپي، رشتاناتا کپن، همدردي، ڪهل، مدد کپي، همت افزائي کپي ته جيئن جيئڻ جو اتساهه بحال رهي. هڪڙي طرح جنس ايترو وسيع موضوع آهي، جو اهي سڀ عنصر جنس جي دائري ڪار ۾ اچن ٿا. ڇو ته زندگي جو سلسله عمل آهي، پر اڄ صرف بائلاجيڪل جبلت آهي، جيڪا جانوراڻي خواهش وانگر انسان ۾ موجود آهي، جنهن جي پورائي لاءِ عشق جي ضرورت ناهي.

جنهن ماڻهو مان اهو اتساهه ختم ٿي ويندو آهي ته هو ڊپريشن جو شڪار ٿي پوندو آهي.

پر جنس صرف محبوب جو وصال ناهي. اصل ۾ انسان فطرت مان نڪتل هڪ اهڙو جيو آهي، جنهن کي پنهنجي هئڻ جو شعور آهي. جيڪو ارتقائي عمل ۾ فطرت کان پري ٿي پنهنجو الميو پيدا ڪيو آهي. جنس انهيءَ فطرت ۾ ضم ٿي وڃڻ جي هڪ ڪوشش آهي، جيڪا لاشعوري طور انسان ۾ موجود آهي. سڄي فطرت جو ارتقائي عمل جنس تحت هلي ٿو، جنهن ۾ زندگي جي ڪک مان زندگي جنم وٺي ٿي. تنهن ڪري جنس جي وسيع تناظر ۾ پنهنجي ٻارن سان پيار ڪرڻ، دوستن سان ڪچهري ڪرڻ، شهرت حاصل ڪرڻ، ڪو ڪارنامو ڪرڻ، جدوجهد ڪرڻ، سڀ جنسي دائري ۾ اچن ٿا.

شاهه لطيف وٽ سهڻي جو ڪردار جيڪو تمثيلي معنيٰ ۾ دنيا جو اهو ڪردار آهي، جيڪو سماجي رسمن کي ٽوڙي ميهار سان ملڻ وڃي ٿو. هڪ طرف شاهه لطيف انهيءَ کي justify ڪري ٿو ته سهڻي جو پيار قدرت جي طرفان ازل کان هو. ڏم صرف دنيائي وهنوار آهي.

ساهڙ جا سينگار ان اڻ ڏٺا اڳي هئا،
ٿڪن فيڪون ڪا نه هئي، نڪا ٻي پچار،
محبت ساڻ ميهار ، لايائين لطيف چئي.

(6/1 سهڻي)

ٻئي طرف سهڻيءَ جو ڪردار هڪ لازوال اڻ کٽ اڻ تڻ جو شڪار آهي، جنهن کي ڪٿي به سڪون نٿو ملي. اها اڻ تڻ ڇا انسان جي شعور جي سزا آهي؟ يا زندگي صرف رڃ پٺيان ڊوڙڻ جو نالو آهي؟.

جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويٺي،
وڃي پوڻ پيٺي، سڪندي کي سڄڻين.

(10/9سهڻي )

عشق ۾ فنا ٿي وڃڻ ۽ جبلت مرگ جو پاڻ ۾ گهرو واسطو آهي. جيئن هائيڊيگر چيو هو ته، انسان جي اصل خواهش وجود ۾ اچڻ جي ناهي پر نابود ۾ اچڻ جي آهي.

"Why expect nothing rather than something? No experiment could support the hypothesis 'There is nothing 'because any observation obviously implies the existence of an observer"

(Martin Heidegger: 1962:45)

نابود ئي اصلي حقيقت بنجي سامهون اچي ٿي. مادي وجود ۾ حقيقت جي ابتڙ آهي. ڪابه شيءَ جيڪا موجود ڪئي وڃي. مثال روشني، زندگي، جنس، خواهش، شيون سڀ اصل حقيقت کان جو ابتڙ پاسو آهن. انهيءَ سان گڏ هائيڊيگر جي خالي دنيا جو تصور جڙيل آهي.تنهن ڪري صوفين جي خيال ۾ اکيون بينا نٿيون ڪن بلڪ نابينا ڪن ٿيون. ڇوته اکيون صرف مادي وجود ۾ ڏسن ٿيون. سندن ڏسڻ محدود آهي. زمان مڪان ۾ انسان قائل آهي، تنهن ڪري انهيءَ مظهر کان ٻاهر ڏسڻ جي صلاحيت نه اٿس. تنهن ڪري عشق جي ڪيفيت اها شروعات آهي، جيڪا زمان مڪان کان بالاتر ڪري آفاقيت جو اسرار ڏيکارين ٿيون. تنهن ڪري عاشق محبوب جي آفاقيت ۾ گم ٿي پاڻ وڃائڻ ٿو چاهي. اصل ۾ پاڻ وڃائڻ يا فنا ٿيڻ جي خواهش نفسياتي طور جبلت مرگ واري ڪيفيت آهي. ڇو ته انسان جي ذهن ۾ امرتا ۽ دائميت جو تصور موجود آهي.

سهڻي جو درياءَ ۾ گهڙڻ جوش حيات جي انتها کي پهچي جبلت مرگ ۾ داخل ٿي وڃي ٿو، جنهن سان سندس عشق جو سفر دائميت ماڻي ٿو.

**نتيجا:**

-سهڻي ڪرداري طور وجودي مڃتا کي ماڻڻ لاءِ بغاوت جي عمل مان گذري ٿي.

-زندگي مسلسل جدوجهد جو نالو آهي. ڪٿي به حاصلات ناهي؛ وصال وقت جي وهڪري ۾ لڙهي ويندڙ هڪ خيال آهي، جيڪو دائميت کان وانجهيل آهي.

-سهڻي فرائيڊ واري اڊ جي نفسياتي خواهش پٺيان نٿي ڊوڙي. ڇو ته اڊ صرف پهرين خواهش آهي، جيڪا لبيڊو Libido جي جڳهه نٿي وٺي. لبيڊو انسان کي تبديلي واري مرحلي مان گذاري ٿو. لبيڊو انسان اندر اها جنسي خواهش آهي، جيڪا تبديلي پسند آهي. پر سهڻي لبيڊو کي آفاقي بنائي ڇڏي ٿي.

-سهڻي جو ڪردار عشق جي جنون ۾ مبتلا ٿي؛ دنيا جي وهنوار کان بي نياز ٿي وڃي ٿو.

-زندگي مسلسل جدوجهد جو نالو آهي؛

-انسان جي ذات جي مڃتا تمام طاقتور فطري خواهش آهي.

-عشق جو جذبو صرف جنسي گهرج ناهي. بلڪ وجود جي خالي پڻي ۽ بي مقصديت کان نجات جو جوهر آهي.

-سهڻي قدرن کان بغاوت جي ذريعي پنهنجي زندگي کي معنيٰ ڏئي ٿي. انهيءَ مڃتا جي خاطر هوءَ پنهنجي جان قربان ڪري ٿي.

-عشق وجود جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ ذات جي نفي مان ذات کي معنيٰ بخشي ٿو.

**حوالا:**


- https://www.rekhta.org/ghazals/ishrat-e-qatra-hai-dariyaa-men-fanaa-ho-jaanaa-mirza-ghalib-ghazals?lang=ur .DATE 29-04-2021
- . Freud Sigmund, (2010) The ego and the id, PACPS Pacific Publishing studio USA.
- “Sublimation of behavioral psychology” https://www.verywellmind.com/what-is-sublimation-in-psychology-4172222.
- https://www.rekhta.org/ghazals/kabhii-nekii-bhii-us-ke-jii-men-gar-aa-jaae-hai-mujh-se-mirza-ghalib-ghazals 16April 2021.
- M Scott Peak (1990) The Road Less Travelled , Arrow books limited Random House 20, Vauxhall Bridge Road, London

- Erick Fromm (1956) The Art of Loving, Harper and row 10 east 53D street New York. USA.
- Martin Heidegger (1962) Being and Time, Translated by John Macquarie & Edward Robinson Blackwell Publishers Ltd I 08 Cowley Road Oxford OX4 IJF, UK .

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا سيئي بيت ڀانهي خان شيخ جي رسالي تان ورتا ويا آهن, جيڪو شاهه عبدالطيف ڀٽائي چيئر، يونيورسٽي آف ڪراچي 2002 ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.